SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984
سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement
2. مغربي پاڪستان آرڊيننس XX مجريہ 1966 جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984
سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

تنهنڪري 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول(ترميم)، آرڊيننس 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس XX مجريہ 1966 جي دفعہ

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس 1966 جي دفعہ 7 ۾ ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ جو اضافو ٿيندو.

7 ۾ ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

”(3-A) ذيلي دفعہ (3) جي تحت پاس ٿيندڙ آرڊر کان متاثر ٿيل شخص هن آرڊر جاري ٿيڻ جي 7 ڏينهن جي اندر مرضيءَ موجب حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

هن اپيل جو تيستائين ڪو آرڊر نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪرڻ واري شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.